ڊاڪٽر غلام علي الانا

# رومن-سنڌي رسم الخط - هڪ اهم سوال!

-1 ڪافي وقت کان وٺي سنڌي زبان لاءِ، رومن-سنڌي رسم الخط جي باري ۾ اخبارن ۾، ڪالمن ذريعي يا روبرو بحث مباحثو هلندڙ آهي. ڪن احبابن ته مون سان روبرو به ڪيترائي دفعا، انهيءَ موضوع تي ڳالهايو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي تحقيقي رسالي، 'سنڌي ٻوليءَ' ۾، اسان جي ڀيڻ، ڊاڪٽر فهميده حسين، هڪ مقالي ۾ رومن-سنڌي رسم الخط جي فائدي ۾، پنهنجن خيالن جو، دليلن سان اظهار پڻ ڪيو هو.

ڪن سڄڻن ته رومن- سنڌي ٽرنسلٽريشن ڪي ضروري ئي نه سمجهيو آهي، ته ڪن وري اها راءِ ڏني آهي ته موجوده عربي-سنڌي الف-ب کي، رومن-سنڌي الف-ب ۾ هميشه لاءِ تبديل ڪيو وڃي ته جيئن سنڌي زبان، انٽرنيٽ تي آسانيءَ سان اچي سگهي. اسان مان ڪيترائي ماڻهو، عربي-سنڌي رسم الخط کي، رومن-سنڌي الف-ب ۾ تبديل ڪرڻ جي حق ۾ بلڪل نه آهن ۽ اُن جي مخالفت ڪن ٿا. ساڳيو بحث اردوءَ ۽ فارسيءَ لاءِ به هلندڙ آهي.

ان سلسلي ۾ جنهن ضرورت کي سامهون رکندي، رومن-سنڌيءَ لاءِ هڪ معياري ٽرنسلٽريشن اختيار ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي، ڏيڍ سؤ کن مختلف ماهرن کي خط لکي، اُنهن کي رومن-سنڌي رسم الخط جو هڪ نمونو موڪلي، ڪين، اُن ڏس ۾ پنهنجيءَ راءِ ڏيڻ لاءِ اٿارٽيءَ طرفان عرض ڪيو ويو هو ته جيئن مون اڪيلي جي راءِ نه، تاج جويي ۽ امين محمد لغاريءَ جي راءِ نه، پر گهڻن ماڻهن جي راءِ کي سامهون رکي، ڪو هڪ معياري رومن-سنڌي رسم الخط مقرر ڪري سگهجي.

دوستن اهو پڻ فيصلو ڪيو ته هڪ اهڙي مذاڪري جو اهتمام ڪجي، جنهن ۾ ماهرن کي گهرائي، اڪثريت جي راءِ سان، رومن-سنڌي رسم الخط ٺاهجي. اسان جي ارادن کي گهڻن ئي سڄڻن صحيح نه سمجهيو ۽ ڪن ته اخبارن ۾ بلڪل ائين لکيو ته، عربي-سنڌي الف-ب کي، رومن سنڌي الف-ب ۾ بدلائڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي، ته ڪن وري تعريف ڀريا خط لکيا ته اوهان جو هيءُ هڪ وقتائتو قدم آهي. انهن احبابن مان ڪن لکيو ته هيٺ موجب فيصلا ڪيا وڃن:

(الف) عربي-سنڌي رسم الخط جي بدران اهڙو رومن-سنڌي رسم الخط ٺاهيو وڃي، جيڪو عربي-سنڌي رسم الخط جي جاءِ وٺي، ۽ سنڌي ٻوليءَ کي بين الاقوامي ٻولي بنائڻ لاءِ اهو رسم الخط انٽرنيٽ تي اچي سگهي.

(ب) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي حرف، ڌار ڌار نموني، عربي-سنڌي رسم الخط ۾ لکجي رهيا آهن. رومن-سنڌي رسم الخط ۾، اُنهن ڌار ڌار حرفن لاءِ، ڪو هڪ ئي حرف مقرر ڪجي. اُهي ڌار ڌار حرف، ٽئين جوڙيل هڪ ئي حرف سان لکيا

# سنڌي لنگئافون بابت هڪ خاص خط

بِسمِ الله الرحمٰن الرحيمِ

هاسپيٽل روڊ،
ڄمڪوٽ - 37370
ضلع فيصل آباد
18، جنوري 2001ع

عزت مآب جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب

السلام عليڪم!

نئين ميلينيم، نئين صديءَ ۽ نئين سال جي آغاز جي تاريخي موقعي تي سائين جن جي خدمت ۾ سلام عرض ڪريان ٿو. اُميد ته دعائن ۾ ياد رکندا. مون هميشه ٽپال ۽ ٽيليفون کان سواءِ به پاڻ کي اوهان جي حاضريءَ ۾ پئي سمجهيو آهي. دُعا آهي ته ڌڻي تعاليٰ شل اوهان جهڙيءَ هستيءَ کي طويل عمر ۽ تندرستي عطا فرمائي ۽ اسان جهڙن ڏتڙيلن تي اوهان جي علمي سرپرستيءَ جو ڇانءُ قائم رکي.

شاهه عبداللطيف ٽه روزه قومي ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ کان پوءِ اوهان طرفان سنڌي لنگئافون جو پئڪيج مليو هو، جنهن ۾ هڪ خط ذريعي مون کي سنڌي لنگئافون بابت راءِ ڏيڻ لاءِ حڪم ڏنو ويو هو. منهنجي طبيعت ناساز هئڻ ۽ ذاتي مصروفيتن جي ڪري هي پئڪيج رمضان شريف تائين جيئن جو تيئن بند رهيو. هاڻي پهرئين روزي کان وٺي اول ٽيڪسٽ بڪ ڪڍي پڙهڻ شروع ڪيم، جنهن ۾ هر صفحو، هر سٽ، هر لفظ، هر اکر ۽ هر اکر جي پاڙ ڪوڙي زبرون زيرون به پڙهيم.

ان ڪتاب بابت پنهنجي ناقص راءِ ڏيڻ کان اڳ مان اوهان صاحبن کان پيشگي معذرت خواهه آهيان، ڇو جو اوهين سنڌي زبان جا عظيم ماهر ۽ استاد آهيو ۽ آءٌ هڪ گنهگار، سو به الله جي ۽ اوهان جي آسري. منهنجا گڏيل تاثرات هيٺين ريت آهن:

١. ٽيڪسٽ بڪ جو ٽائيٽل ايڏو ته وڻندڙ ۽ ٺاهوڪو آهي، جو شايد غير ملڪي ڪتاب ڪيس نه پڄن. اهڙي شاندار جوڙجڪ ۽ خوبصورت ڪاوش تي مبارڪباد قبول فرمائيندا.

٢. سنڌي زبان ۾ خاص ڪري گرامر ۾ جيتري به وڌ ۾ وڌ گنجائش هئي، سا اوهان هڪ ڪتاب ۾ سمائي ڇڏي آهي. ان لحاظ کان هي هڪ تاريخي دستاويز آهي، جنهن منجهان ورق بڪ ته ڪٿي هزارين ٺاهجن، پر ڪوبه نئون مصنف هن جي بنيادي اهميت جي پيش نظر هن سان وڌيڪ هٿ چراند جي جرئت نٿو ڪري سگهي، ڇو جو هي سنڌي زبان جو اصل ۽ وسيع بنيادي ڍانچو آهي، جنهن ۾ وڌيڪ ڦير ڦار جي گنجائش نه آهي.

٣. ڪمپيوٽر جي استعمال سان سنڌي ۽ اُردو رسم الخط کي ڌار ڌار ڪري پڙهڻ ۽ سولائيءَ